# ڀرُوپي گدڙ

هڪ گهاٽي جهنگل ۾ چندروءَ نالي هڪ گدڙ رهندو هو.
ڪجھ ڏينهن جهنگل ۾ هن کي کاڌو نہ مليو. کاڌي جي تلاش ۾ هو هڪ ڏينهن شهر طرف نڪري ويو. شهر ۾ پير پائيندي ئي سهر جي ڪتن اَچي هن کي گهيرو ڪيو. گدڙ گهٻرائجي ويو ۽ پنهنجي جان بچائي وٺي اُتان ڀڳو. ڀڄندي ڀڄندي هو ڪنهن رنگريز جي گهر ۾ گهسي ويو
۽ رنگريز جي گهر ۾ نهيل نيري رنگ جي حوض ۾ وڃي ڪريو. گدڙ جڏهن ان حوض مان ٻاهر نڪتو تہ هن جو سڄو سرير نيري رنگ ۾ رنڱجي چڪو هو. گدڙ جڏهن جهنگل ۾ واپس وريو تڏهن جهنگل جا سڀ جانور هن کي عجيب جيوَ سمجهي هن کان ڊڄي هن کان پري پري رهڻ لڳا. چالاڪ گدڙ جي من ۾ هڪ ويچار آيو تہ جهنگل جا سڀ پراڻي هُن کي خوفناڪ جيوَ سمجهي ڊڄي رهيا آهن. چونہ ان ڳالھ جو فائدو وٺجي! گدڙ سڀني جانورن کي گڏ ڪري هنن کي آٽت ڏنوءِ سمجهايو، ” ايشور مونکي توهانجو راجا ٺاهي موڪليو آهي. توهان سڀ بنا ڪنهن ڊپ ڊاوَ جي منهنجي راڄ ۾ سک سان پنهنجو جيون گذاريو.“ جهنگل جي جانورن گدڙ جي ڳالھ ٻڌي هن جي آڃيان ڪندي هن کي پنهنجو راجا قبول ڪيو. گدڙ راجا ٿيندي شينهن کي پنهنجو پرڌان منتري، چيتي کي پنهنجو خوراڪ منتري، لومڙ کي ناڻا منتري ۽ هاٿيءَ کي پنهنجي را ڄ جو بچاوَ منتري ڪري مقرر ڪيو. چندروُ گدڙ پنهنجي ذات ڀاين مان ڪنهنکي بہ ڪوئي عهدو ئي ڪونہ ڏنو. نہ صرف ايترو پر هو پنهنجن ذات ڀاين سان ڳالهائڻ بہ پسند نہ ڪندو هو. پاڻ کان انهن کي دور دور رکندو هئو تہ جيئن سندس پول کلي نہ پوي. گدڙن کي جڏهن چندروُءَ جي اصليت جي خبر پيئي تہ هنن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هڪ ٻڍي گدڙ چيو، ” نيري رنگ ۾ رنڱجي وڃڻ سبب چندروُ گدڙ سمجهي ٿو تہ ڪنهن کي بہ هن جي اصليت جو پتو ناهي. سڀيئي جانور هن کي عجيب پراڻي سمجهي ڪيس پنهنجو راجا مڃي رهيا آهن. سڀني جانورن جي سامهون ان دُشٽ چندروَ جو پول کولڻو پوندو، پنهنجي ذات وارن لاءِچندروَ جي بيدرڪار وهنوار لاءَ ڪيس سبق سيکارڻ جو سڀني گدڙن منصوبو سٽيو.
هِڪَ ڏينهن گدڙن جي هِڪَ جُهنڊ پنهن جو ناچ ڏيکارڻ لاءَ جنگهل جي سڀني جانورن کي نينڊ ڏني، چندروَ گدڙکي بہ مکيہ مهمان ڪري گهرايو ويو گدڙن جي جهنڊ نچڻ شروع ڪيو. نچندي ”هووا هووا “ جو آواز پڻ ڪرڻ لڳا. چندر گدڙ جو من پڻ نچڻ ۽ ڳائڻ لاءَ اُڇلون ڏيڻ

لڳو، هن پاڻ کي گھٽوئي روڪيو پر من جي اُڇل جو زور وڌڻ تي هو پڻ پنهن جي ذات ياڻي گڏڙن سان سُر ۾ سُر ملائي "هوآ هوآ" آواز ڪندي نچڻ لڳو.

سيني جانورن جڏهن سندس آواز ٻڌو ته هو ڪيس سڃاڻي ويا، سيئي جانور پنهن جي ان موركتا تي شرمسار ٿيا ته ڪيئن هُنن هِڪَ گدڙ کي پنهنجو راجا قبول ڪيو! چندروَ گدڙ تي سيني کي بيحد غصو آهيو آنهن سيني گڏجي چندروَ تي حملو ڪري ڪيس ماري ڇڏيو.

سار: اسان جنهن ذاتيءَ جا آهيون اُن جو مان _سمان ڪندي جيون جيئڻ ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي، انسان ڪيڏهوبہ اونچو چون پهچي پر پنهنجي اصليت وسارڻ نہ ڪپي.

هڪ دفعي هڪ جهنگل ۾ هاٿين جو جُهند هڪ سندر تلاءُ جي پاسي کان لنگهيو پئي. تلاءُ جي چوڌاري بخمل جهڙو سائوسائو گاهہ ۽ گلن جا ٻوٽا پوکيل هئا، جنهن کي ڏسي هاٿين جو جُهند موج ۾ اچي ويو ۽ گاه تي نچڻ ٽپڻ لڳو. پوءِ تلاءَ ۾ سنان ڪري سيئي هاٿي خوش ٿيا. هاٿين جي جهُند ڪجهہ ڏينهن اُن تلاءَ جي آس پاس رهڻ جي ويچار ڪيو، جئن ڪجهہ ڏينهن اُن سندر تلاءَ جو آنند ماڻي سگهن.

تلاءُ جي چوڌاري پوکيل گاهہ هينان ڪيترن ئي سهن جا گهر هئا. هاٿين جي مدمست تي گاهہ متا نچڻ ڪري، اُنهن جي پيرن هينان اچي ڪيترائي سها مري ويا، ڪيترن جا هٿ پير ڀڃي پيا ۽ ڪيترا گهايل ٿيا.

هاٿين جي جُهند جي وڃڻ بعد باقي بچيل سهن سيا ڪوٺائي جنهن ۾ سيني اها چنتا ظاهر ڪئي تہ ڪجهہ ڏينهن جي هاٿي ان نموني گاهہ تي مدمست تي نچندا تہ اسان مان ڪنهن جو بہ نالو نشان نہ رهندو. هڪ سهي صلاح ڏني، " اسان کي هي جڳهہ ڇڏي ٻئي ڪنهن هنڌ هلي رهڻ ڪپي. ٻئي سهي چيو، " هن زمين تي اسين ابن ڏاڏن جي زماني کان رهندا آهيون. هتان ڀڄي وڃڻ کان بهتر آهي مصيبت جو مقابلوڪيون." ٽئين سهي چيو، "اسين پنهنجي ٻل سان تہ هاٿين جو مقابلو نہ ڪري سگهنداسين. ان ڪري ٻُڌيءَ سان ڪا ترڪيب سوچي هاٿين جي جُهند کي هتي اچڻ کان روڪڻ ڪپي."

هڪ سياڻي سهي چيو تہ مونکي هڪ ترڪيب سجهي آهي. اُن سهي جي ترڪيب ٻُڌي اُن کي آزمائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هنن هڪ هوشيار سهي جنهن جو نالو لِمبَڪَرڻ هو اُن کي اهو ڪم سونپيو.

لِمبَڪَرڻ هاٿين جي جُهند وٽ وڃي پهتو ۽ جُهند جي اڳوان هاٿيءَ سان گڏيو . لِمبَڪَرڻ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي اُن اڳوان کي چيو،" جنهن تلاءَ جي آس پاس اڄ توهان جي هاٿين جي جهند مدمست ٻڌجي نينگ ٽپا ڏنا آهن، سياڻي کان اُن تلاءَ جي آس پاس وڃڻ کان هاٿين کي منع ڪري ڇڏيو، نہ تہ توهان جي سڄي جُهند جو وناش ٿي ويندو!

لِمبَڪَرڻ جي اها ڏمڪي ٻڌي هاٿين جي اڳوان ڪانئس پڇيو " تون ڪير آهين؟ پهرين پنهنجي واقفيت ڏي!"

لِمبَڪَرڻ جواب ڏنو. " مان چندر منڊل جو نواسي آهيان ۽ چندرما ديو جو دوُت ٻڌجي توهان ڪي اُن جو نياپو ڏيڻ آيو آهيان. توهان جي مدمست ٽي تلاءُ جي آس پاس گاهه تي نچڻ سبب چندرما ديو جي ڪيترن ئي پيارن جيوَن جو موت ٿيو آهي ۽ ڪيترائي ته زخمي ٿيا آهن . اڄ چندرما ديو باقي بچيل پيارن جيوَن ڪي آٿت ڏيڻ آيو آهي. توهان جي اُن بيدرديءَ جو انجام ڏسي هو بيهد دکي ٿيو آهي ۽ توهان تي ڏاڍوڪاوڙيل آهي. جيڪڏهن توهان ڪي منهن جي ڳالهه تي وشواس نٿو اچي ته مونسان گڏ هلي پنهنجي اکين سان ڏسو!"

هاٿين جي اڳوان ڇَتُردَنت ، لِمبَڪَرڻ سان گڏ اُن تلاءُ وٽ آيو. اُن وقت رات ٿي چڪي هئي. لِمبَڪَرڻ ، هاٿين جي اڳوان ڪي تلاءَ وٽ آيو. لِمبَڪَرڻ ، هاٿين جي اڳوان ڪي تلاءَ جي ڪناري تي بيهاري چيو، "ڏيان سان ڏس! هن تلاءُ ۾ ڪيئن نہ چندرما ديو ڪروڌ تي هلي رهيو آهي!"

هاٿين جي اڳوان ڇَتُردَنت تلاءُ ۾ چندرما جو هوا ۾ هلندڙ پاڇو ڏسي لِمبَڪَرڻ جي ڳالهه تي وشواس ڪندي ڊڄي ويو ۽ چندرما ديو ڪي هٿ جوڙي پراٿنا ڪيائين،"معاف ڪجانءِ چندرما ديو! مان انجام تو ڪيان سپاٽي ڪان اسان هن تلاءُ طرف اک کڻي بہ نہ نهاريندا‌سين ۽ توهان جي آگيا جو پورو پورو پالن ڪنداسين ."

هن آکاڻيءَ مان اِها سِکيا ٿي ملي تہ ٻُڌيءَ ۾ ٻَلُ آهي.